


شاھ عبداللطيف

جو

سر

مومل - راڻو

دفعو ٻھريون - قيمت ڏيڍ رپيو - سنہ ١٩٦٦ع

سُرُ مومل - راڻو

داستان پهريون

١- ڪالَ ڳڌِئو سوُن ڪاڪِڙيِ، باهُو ٻيڪارِيِ،
سامِيَ سيلو سِرَ تيِ، مالا موچارِيِ،
ڏيئِيِ ڏيڪارِيِ، ڦِتيِ دِلِ فَقيرُ وِئو.

٢- ڪالَ ڳڌِئو سوُن ڪاڪِڙيِ، جِهڙو ماهُ مُنيرُ،
فَيضُ، فِراقُ فَقيرُ، جوڳِيِ جاڳائيِ وِئو.

٣- ڪالَ ڳڌِئو سوُن ڪاڪِڙيِ، ڀَهرَ سِڄَ ڪانَ پوءِ،
پَسو سُنهَ سامِيَ جيِ، رَتَ وَرَنو روءِ،
جو مُهِ مومَلَ جيِ پوءِ، مونُ ڪُنِ تهِ مَسَ نِهيِ.

٤- ڪالَ ڳڌِئو سوُن ڪاڪِڙيِ، باهُو بانَ هَرِيِ،
سائيِ سالَ کُلَنِ ۾، سامِيَ سونَ سَرِيِ،
خَبَرَ ڏيِ ڪَرِيِ، ڪا مومَلَ جيِ مَجازَ جيِ.

٥- ڪالَ ڳڌِئو سوُن ڪاڪِڙيِ، باهُو رَنگِ ڀڀوُتُ،
سِرِئو سُون سُڪُوتُ، جوڳِيَ سَندِيَ ذاتِ ڪانَ.

پيش اکر

هن کان اڳ سنڌ جي لاثاني ۽ لافاني شاعر شاه عبداللطيف جي شعر مان ٻه ٻيرا ڪي سُر ڇپائي پڌرا ڪيا اٿم، جي ڪافي ڪارگر ثابت ٿيا آهن. سندن ٻنو منورت بلڪل ئي ٻر ثواب ٿيو آهي - وديارٿين کي آڀياس ڪاڻ سُر هڪيا لکيا ٿي مليا آهن، جنهن ڪري سڄي رسالي خريد ڪرڻ جي ضرورت نه پيئي اٿن ۽ عام ماڻهن لاءِ لوڪ پريه آڪاڻين تي ٻيهاريل سُرن، منجهن شعر مان رس پراپت ڪرڻ - ڪن - رس ۽ مَن - رس ٻنئي - ممڪن ڪيو آهي. انهيءَ مراد سان ئي هن ٻيري سُر مومل - راڻو ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ٻڻ اڳي موافق سڄو سُر، اُن سان لاڳاپو رکندڙ ڪهاڻي ۽ شعر ۾ ڪم آندل اهم اکرن جي معنيٰ ٻڻ ڏني ويئي آهي. آشا آهي نه هيءَ ڪوشش ٻڻ اهڙي ڪارائتي ثابت ٿيندي، جهڙيون هن کان اڳ واريون ٿيون هيون.

١٥ فبروري ١٩٦٦ع. هاڙيوالا

لَکين لُڌُو وِٽا مَٽي، مَٿي وات وِٺا ٿِي، مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڏِهين؟
جِهکي پُڇان، سو چَوي:
"آئِيو ڪونه اُنان ٿِي، مِيان!"
ڪاڪ هَلِبو ڪَڏِهين؟
ڪوتائو ڪَرِيم جو، آئِيو پَهِي پَرِيان ٿِي، مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڏِهين؟
حُڪُمَ ڏِندَء هَٿَ ۾:
"هاٿِي هَلُ هِتان ٿِي، مِيان!"
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڏِهين؟
اَدِ يُون! عَبدُالطيفُ چي،
پِرِينَ پاسِ پُران ٿِي، مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڏِهين؟

داستان ٻيون

١- آءٌ لانگوئِيا لال! ڪِهِ پَرِ ڏِٺيءِ گُجَرِ يُون؟
آبُ اُرتو اَکِيين، لُڙڪَ وَهائِيين لالَ،
ڏِٺَءِ جي جَمالَ، سامِيءَ! ڪَهُ نہ سَلائِيين.

٦- بيکارِيءَ کي ٻرَ مِ، وِٺو کَيفُ چَڙهي،
ڳالِيوُن کَندي کاڪ جِيوُن، ڳوڙها پَٽِس ڳڙي،
کا جا اَنگُ اَڙي، جِنَ چِنا ڦَت چُڙي پَٽا.

٧- سِڄُ سُياٽي جا کَري، سامِيءَ سائي رُوءِ،
اَچِي تي عَطُرَ جِي، مَنجها مُگَتَ بُوءِ،
سا ڏيکارِيهوُن جوُءِ، جِتان لاهُوتِي لَعلُ ٿِئو.

٨- سِڄُ سُياٽي جا کَري، سامِيءَ سائي وَنِڪَ،
سَهِي نہ سَگهان سات سِنءِ، تِہ جي راسِنِ جي رَونقَ،
ڪِ رَتائِين لاکَ مِ؟ ڪِ ڏِنائِين پانَ پِڪَ؟
سَندِيءَ سوڍَلِ سِڪَ، کَپُرَ کورُون جَهلِيوُن.

٩- جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نِسوروئي نِيهَ جو،
پَتَنگُ جِنَ پيدا ٿِئو، سامِي سِڄَ وَڙاءُ،
آيو ڪاڪِ ٽَڙاءُ، ڪُنڌارِنِ ڪَکورِ ٿِئو.

وائِي: تان تُوُن وِهُ سَنبهِي، سائي! مِيان! پاندِي! مِيان!
ڪاڪِ هَلبو کَڏهِين؟

٧- جوڳِيَ جاڳائي، ماري وِڌو مامِري،
لَنءُ لُڏُوڻي ڪَندِيِن، اَميو آهي،
وَچو جي ڪاهي، نه نِڪون پَسو نِيهَ جِيُون.

٨- هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙِين، جِتي نِيهَ اُڇَلَ،
نَه ڪا جَهلَ نه پَلَ، سَيُڪو پَسي پِرِيَ کي.

٩- هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙِين، جِتي گهَڙجِي نِيهُ،
نَه ڪا راتِ نه ڏِيهُ، سَيُڪو پَسي پِرِيَ کي.

١٠- هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙِين، چَڙو جِتِ چَڙهَنِ،
ڪوڙين رَنگِ رَچَنِ، پانوڙِي پِڪَ سِين.

١١- ڪَرَها! ڪارَڻِ ڪاه، توکي ڏَڻيَنِ ڏارِئو،
ساري ڏِيهِ، سَيِدُ چئي، لُڏاڻي تان لاهَ،
مُقابِلو مُومَلَ سِين، تِندو سَنجِهه صُباحَ،
سوڍي جِيَ صَلاحَ، ڪَونرَ چَرَندين ڪاڪِ جا.

٢- ”ڳُجهَرِ کي ڳَجهَميلَ جيئُون، ٽاوَنِ ۾ ٽَمَرُون،

هَٽي حاڪِمِنَ کي، زور پِرِيُون زَبَرُون،

ڪاڪِ ڪَنڌِي قَبَرُون، پَسو پَرَ ڏِيهِنِ جيئُون.“

٣- ”ڳُجهَرِ گارُوڙِينِ، اَڇو آڏِي اُپِيي،

مَٿا پِيٺِي تَنِ، بَدا بارڻ هَٽَنِ جي.“

٤- ”مُومَلَ کي مَجازَ جا، اَکِنِ ۾ اَلماسَ،

نَہ ڪا عامَ نَہ خاصَ، جي وِڌا سي وَڍِيا.“

٥- ”مُومَلَ کي مَجازَ جا، اَکِنِ ۾ اَنبُورَ،

هَٽي حاڪِمِنَ کي پَٽِ نِهاري پُورَ،

گهوٽَ ڦِرِي گهُورَ، جي وِڌا سي وَڍِيا.“

٦- ”مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِينِ کي آڪِري،

سُودِيَ گهَٽا سَڪائِيا، پَڙهِيا، پَٽَتَ، پِيرَ،

هَٽي تَنِ کي تِيرَ، مَٽِيُون جِنِ مَٿَنِ ۾.“

وائي: راڻا جي رجبوت، مومل سهي پسندا.

ڍڍا، پٽت، پير، توڙي مير، همير، مرندا،

مومل سهي پسندا.

مڃي رضا رب جي، هتان سڀ هلندا،

مومل سهي پسندا.

ڪلمي ساڻ لڏائيين، هادي! هن هندا،

مومل سهي پسندا.

سهڪي سڪرات ڪرين، والي! وير وداع،

مومل سهي پسندا.

اُهڪي وير اچيج تون، اٿي احمدا!

مومل سهي پسندا.

متان ڇڏين مڱڻو، مهڏا مرشدا!

مومل سهي پسندا.

ڪل نفس ذائقة الموت، سڀي اي صدا،

مومل سهي پسندا.

اصل لکيو انگ ۾، ٿيندو تان پ ادا،

مومل سهي پسندا.

١٢- آکُون، ڏاکُون، سِرکَنبَ شاخُون،
جِتِ چوکا چَمڪَن، ڪَوَنرَ،
مَٿي سيڻي ماڙيا، جِتِ نه پِرنِ پَوَنرَ،
ڪُنڌارِيُون ۽ ڪَوَنرَ، ڪاهِ نه پَسُون ڪاڪِ جا.

١٣- نَنڍو، تان ڪوهُ؟ پَرَ وِڪين آهي وِڏو،
وَڄُو ڪاڪِ ڪَندِنِ ۾، پَهَسَ پَکي جِنِ پوءِ،
اِنَ ڪُرَ سَندو ڪوءِ، مُيو مانو نه ٿِيي.

١٤- ڪَرَها! ڪاڪِ چَڙهِي، وَنءُ وَٽائُون نِڪري،
لُڏُو وِٽا، لَطِيفُ چئي، آيو ڪو نه وَري،
گهَٽا اِتِ گهِڙِي، وَڃَ وِساري هَلِئا.

١٥- چَڙهيا چارَئِي يارَ، سُودا شِڪاري،
فِڪرَ ساڻُ ڦِٽي ڪِي، سودي سوپاري،
وِٺا ڪاهِندا ڪاڪِ ڏي، جِتِ مُومَلَ موچاري،
موٽِئا نه ماري، ڪَوَنرَ لَتاڙي ڪاڪِ جا.

٣. سونَ ورنيون سويئون، رُپي رانديون ڪَنِ،
اَگَرَ اوطاقُنِ ۾، ڪَتوريون ڪَنُنِ،
اوتِيائون عَبيرَ جا، مَٿي طاقَ ٽَڙَنِ،
بانَنِ بيلون ٻَڌِيون، پَسِڻو سونهَ سَڙَنِ،
تِتا لاهوتِي، لَطِيفُ چئي، پَسَڻَ لَءِ پِرِيَنِ،
اِجهي تا اَچَنِ، ڪاڪِ ڪَڪورِ تا ڪاپڙي.

٤. جي ڪاڪِ ڪَڪورِ تا ڪاپڙي، تَنِ لَهي نَہ لالي،
ڪَڙي ڪَيفَ خُمارِ تا، مَيءِ پي مَوالي،
ڪَري حاصُلُ هَلِيا، ڪَيفِيَت ڪَمالي،
وَڃَنِ وِصالي، لُڏُ وِٽِيا لوڏي تِتا.

٥. لُڏُ وِٽِيا لوڏي تِتا، وَڃَنِ مَنجهه وِصالَ،
اَڄُ اَرتو اَڪِيين، ڪاڪِ پِيتائون ڪالَ،
ويٺي ويچارَنِ وِسَري، صُباحَ جي سَنڀالَ،

اَدِيُوَن، عَبۡدُاللطيفُ چي، فائِقَ فَضُلَ ڪندا،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.

داستان ٽيون

١- جِهَڙا گُلَ گُلابَ جا، تِهَڙا مَٽِنِ ويسَ،
چوٽا ٽيل چَنبيلِئا، ها ها! هو! هَميشَ،
پَسِڻو سُنڌَ، سَيِدُ چي، نِيهَ اَچِنِ نيشَ،
لالَن جي لِبيسَ، اَنڊِ اَکُرُ نَہَ اُجَهي.

٢- جِهَڙا پانَنِ پَنَ، تِهَڙيُوَن سالُوَن مَٽِنِ سائِيُوَن،
عَطُرَ ۽ عَبِيرَ سين، تازا ڪِيائُوَن تَنَ،
مَڙهئا گَهڻُوَن مُشڪَ سين، چوٽا ساڻُ چَندَنَ،
سُنهَنِ رُپي سونَ سين، سَندا ڪامِڻِ ڪَنَ،
ڪِيائِين لالُ لَطيفُ چي، وَڏا ويسَ وَرَنَ،
مَنجِهہ مَرَ ڪِنُسِ مَنَ: "سوڍِي سين سَگُ ٿِئو."

١٠ رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَوائي،
لُڏُوڻا، لَطِيفُ چئي، لالي تنهِ لائي،
ڪانهِ ٻي وائي، ٿِئو مِڙوئي مَينڌرو.

١١- رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَيَنِ سوُنهَن،
لاٿائين، لَطِيفُ چئي، مُتاءَ دِلِنِ ڏُونهَن،
ڪانهِ ٻي وِرُونهَن، ٿِيو مِڙوئي مَينڌرو.

١٢- رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍا ٻِئا ٻِهِ سُڃانَ،
نِسورِيائي نِيهَ جي، ڪَسِيائين ڪَمانَ،
ڇَڏي وِٺا ڇوهَ ۾، دَعوائُون دِيوانَ،
ٻي وَهِيائي ڪانَ، ٿِئو مِڙوئي مَينڌرو.

١٣- ڪاڪِ ڇَڏِيائُون ڪُنڊَ تي، پاڻا وِٺا پَٽي،
لوڍِيڙَنِ، لَطِيفُ چئي، سوڍو ڪِٿو سَهي،
مُومَلَ ماڳ رَهي، ٿِئو مِڙوئي مَينڌرو.

ٻِري کان پاسي ٿِيا، مامِرين مِثالَ

جانِبَ جي جَمالَ، رَکيءِ، بَسُ! رِهيو ڪِٿا.

۶- رَچِي جي رِيتو ٿِيا، ڪِين اُبانڃِنِ اوءِ،

ڪُسيُ نَه ڪاري ٽِهِ ڪي، جو هالاري هوءِ،

ٽوٽي ڏوٻي ڏوءِ، نَه لالي ٿِهين نَه لَهي.

۷- جِهِ ٽَڙِ ڏوڙُون ڏُوَنِ، چوٽا چَندَنَ چِڪَ ڪِٿو،

اَچَنِ پونَرَ پَنيولِنا، پاٽِيَ ٿِهين ٻُوڻِ،

واوَلَ رَتو رُڻِنِ، ڪو ڏهُ لَڳو واسُئين.

۸- جِتِ رايائِين راٽِنِ کي، چَندَنُ چِڪَ ڪري،

هاٽي اِنين پيٽِبين، وِرِهُ ڏراڪا ڏي،

سوڍو سُبَجَ ڪَري، مومَلَ ماري هلِئو.

۹- گُجَرِ گهٽا گهاٽيا، پاٽا لَڳُس گهاءُ،

مَيڊَري مُلاءُ، لَڳُسِ ڪانُ ڪهارَ جو.

١٩. مُومَلَ ناهي مَيدَ رو، توڏي مَنجهه نَصِيبَ،

مُون کي، مُون حَبِيبَ! طعنو ئِي تُهجو.

٢٠. آئُون طعني سُوڙي تُهجي، تُون طعنو ئِي مُون،

سو ڪِينَ سَرِئو سُون، جو، سَرَتيُون! ڪِهِ نَہ سَرِئو.

٢١. سُٺي طَعنو تُهجو، حالُ وِڃايمِ حَقَ،

لَکِينِ لوڏي آئِيا، سوڍي لاٿمِ شَڪَ،

ڏُنمِ ڪاڪِ کَهَڪَ؛ سِگهو موٽِج سُپرِينَ!

٢٢. ڪَڪوري ڪاڪِ ڌهي، راڻا! پانءِ مَرَتُ،

سوڍا! لاءِ شَربَتُ، نِسوروئِي نِيهَ جو.

وائي: مَيدَرا! مُون کي، راڻا! جِمَ وِساري ڇڏِيين!

مُون کي طعنا تُهجا، ڏيهُ مِڙوئِي ڏي،

جِمَ وِساري ڇَڏِيين!

راڻي ني رِيسَ ڪِئِي، کَرَ سِين ڪِلِيمِ جِي،

جِمَ وِساري ڇَڏِيين!

١٤- ڪاڪِ ڇڏيائون ڪُنڊَ ۾، پاٽا وِيا پَري،
تَنِ کي ناتِرِ ڪوهُ ڪري؟ جي لُڏُوڙِيا لَنگهي وِيا.

١٥- ڪاڪِ نَہ جهلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا نہ مَٺڻِ،
ٻائِنِ ۽ ٻانهنِ ۾، ٻَنڌَرِ ڪِينَ ٻُجهنِ،
لَڪِينِ لاهُو ٿِيَنِ، اِهَڙِيُون اوڙِيا ڇڏِيُون.

١٦- اِهَڙِيُون اوڙِيا ڇَڏي، وِيا لاهُوتِي لَڪَ،
پايو پَٽِينِ وِيٺِيُون، ڪاڪِ ڏِجاڻِيُون ڪَکَ،
پِيئِي اِيَ پَرَکَ، نَہ سوڍِيُون سِجهائِي وِيا.

١٧- ڪاڪِ نَہ جَهلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا ڪِهِ نَہ مالَ،
سوڍِيُون سِجهائِي وِيا، هِهَڙا جَنِين حالَ،
جي چوڙِنِ ڏِنا چالَ، تَپِ لاهُوتِي لَنگهي وِيا.

١٨- تُوڙِي ناهِ نَصِيبَ ۾، مُومَلَ مِيڙَ رو،
پُنڌُ جِمَ پاهِين وَرِين، مَنجها پِرِتِ پَرو،
راڙِي لَءِ مَرو، وِهُ طَعنِي سِين وارِجِي.

۵- ڪِنِن ڪَرَ موڙِئا، نيڙُو ايا نيٺئي،
راڻو راتِ نَه آئِيو، ويلَ ٽَري ويٺئي،
ڪوءِ سا ڪاٽي راتڙي! جا پِرِيَنِ ري پيٺئي،
مون کي ڏَنءِ ڏيٺئي، وَڃي ڍولو ڍَٽِ قرارِئو.

٦- سوڍي ڏارا، سَرَتِيُون! پِئو پِنِن ۾ پَنگُ،
اُباڻجي اُڄ وِئو، راڻا! تو رِءَ رَنگُ،
هِيين سان هاڃو ٿِئو، پِئو اوسيڙي اَنگُ،
مون توهِيسين سَنگُ؛ پُڄايو، پُڄان پَهي.

۷- توکي مَعلوُمُ مُهِجيُون، سوڍا سَيبيٺي،
آڳاندو اَرِواحَ کي، آهِيين اهوئي،
وِهَڪَ مون ويٺي؛ پُڄايو، پُڄان پَهي.

۸- ڏاٽي گَهٽا اَڇَنِ، مَنُ سوڍي وِنگسِئو،
ڪا جا لائي مَيڏَري، لالي کي لِڳَنِ،
راڻو اَڪَڙِيَنِ، وِسارِيان، نَه وِسَري.

داستان چوٿون

١. شمع ٻارِيندي شَبَ، پِرَهَ ٻاکوُن کيِيوُن،
موتُ، مَران ٿي، مَيدَ را! راڻا! ڪارَڻِ رَبَ،
تُهجيَ تات طَلَبَ، ڪانگَ اُڏايمِ ڪاڪ جا.

٢. اُپيِ اُيارِ ٿامِ، نِکَتَ سَبِ نَئِي وٺا،
هِڪْ مِيو، ٻيو مَيدَرو، راتِ سَڄِي سارِ ٿامِ،
ڳوڙها ڳِلِ ڳاڙِٿامِ، سوُرِجَ شاخون ڪيِيوُن.

٣. ڏِيا تيلَ ٿُليلَ جا، ٻارِيمِ تائين ٻانگَ،
ڍولو ڏَيتِ رَهائيو، ڪِهِ سَناڻي سانگَ،
چانگي چَڙهي آءُ توُن، لالَ! ٿرائي لانگَ،
ڪوڙين ڍِنين ڪانگَ، اُڏايامِ اَچيج توُن.

٤. وَتِ سورِيندي، وَلَها! وِٺو تيلُ ٻَرِي،
موتُ، مُسافِرَ سُپِرِين! چانگي تي چَڙهي،
راڻي لاءِ رَڙِي، ويٺي وِهامي راتَڙِي.

گھرَ مھارا گھوريا، سُرَھو مُون نہ ٿھاءِ،
سائِينءَ کارڻِ، سُپِرِينِ! لا! مَيو تُون موٽاءِ۔
کاڪِئا وَڃڻُ کيڏَهِينِ، راڻا! تو نہ رَهاءِ،
سائِينءَ کارڻِ سُپِرِينِ، لا! مَيو تُون موٽاءِ۔
سَنَمِ ساهيڙِيَنِ جا، طَعنا توهِينِ لاءِ،
سائِينءَ کارڻِ سُپِرِينِ! لا! مَيو تُون موٽاءِ۔
سوڍا! سُکِياڻِي ڀِيان، پيرُ پَرَچِي پاءِ،
سائِينءَ کارڻِ سُپِرِينِ! لا! مَيو تُون موٽاءِ۔
آسائِتِيَ کي، عَبدُاللطيفُ چئي، مُولا مُحِبُ مِلاءِ،
سائِينءَ کارڻِ سُپِرِينِ! لا! مَيو تُون موٽاءِ۔

داستان پنجون

١- سَگھہ کَري سِين سِيہَ، کَندُ مَ ڦِيرِج کيڏَهِينِ،
رَمِجِ راڻِي پُٺِ ۾، نِرتُون مَنجھا نيہَ،

٩- راڻو ڪا راتِ وٽو، پُڄهي ڳالِ ڪَري،
سوڍي رِءَ، سَرَتيوُن! هَڏِ نَہ ساهُ سَري،
وَڃي، ماڻَ وَري! آسائتي آهيان.

١٠- سوڍي سُتي لوءِ، ڪا جا موُن سين ڳالِ ڪَي
سا جي ٻَڌَرِ پوءِ، تَہ، سَرَتيوُن! ڪا نَہ سُمَهي.

١١- راڻا! تُهجي راهَ تي، ڏِيهاڙي ڏيڪان،
راڻي جي رِهاڻِ جِيوُن، روُحَ اَندَرِ ريڪان،
مَحَبَتَ جِيوُن ميڪان، توسين، لالَ! لِپيتيوُن.

١٢- آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ ڏَرَتيَ جا ڏَٽي!
سِڪَنِ تِيوُن سُهاڳَڻِيوُن، سوڍا! تُهجي سَتَ،
موُن تان لاهِ مَرهَتَ، ڪامِلَ ڏَٽي ڪاڪِ جا!
وائي: مَيو توُن موٽاءِ، موُن رُندي راتِ وِهاءِ،
سائِينءَ ڪاڙِهِ، سُڀِرِين! لا! مَيو توُن موٽاءِ.

ڦُرُ وِڏُو ڙُٽو لاَهِين، جِنءَ پُرُ پُڄِنوءِ پانڌِ،

هَيءِ! پَکِيَءِ هيڪاندِ، سوڍو سارِندِنءَ گهڻُون.

٧- رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو؛ اُٺ اوراهُون آڻِ؛

ليڙي جو، لَطِيفُ چئي، تَنگُ سَوارو تاڻِ،

شَرمِندِيُون سَيِين پَرِين، پُٺِيَ لائِج پاڻِ،

اَچي مُشکَ ماڻِ، تَه، سوڍا! سُکِياڻِي ٿِيان.

٨- رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو؛ اُٺ اوراهُون چَرڙِ؛

تورِءَ کاڪِ کَڙي ٿِئي، ساڻُ سِرکَنڊَ سوڙِ،

اَچي چَندَن چوڙِ، تَه، سوڍا! سُکِياڻِي ٿِيان.

٩- رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو؛ پَرَچُ، مَ وانءِ پَري؛

مارِيَسِ ڦَٽَ فِراقَ جي، جهَٽَ جي ذَري؛

لالَنِ جي، لَطِيفُ چئي، سُونهائِي سَري،

آيِس تو کَرِي، تَه، سوڍا! سُکِياڻِي ٿِيان.

لاءِ مَ وَسِيج عامَ ٿِي، جِنِ، مُومَلَ! وَسنِ مِيهَ،
سَندي سَختَ ڏيهَ، سوين سارِندِنءِ گهٽُون.

٢- وِلِڙِيو وِچِج واتَ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهين،
لوٽي ڦيرَ لپاتَ، لَگَندِيءَ، لَطيفُ چي.

٣- ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهين، وِلِڙِيو وِچِج راهَ،
اَڄُ ڪِ سَنجهه صُباحَ، نيئِي ڏِرندءِ ڏُورِڙ ۾.

٤- جا پُون پيرين مُون، سا پُون مَٿِي سَجَڻين،
ڏِڳَـــ، لِنبا ڏُورِڙ ۾، اُئِي ڏِنا سُونُ،
ڏيهَ مِڙيئِي ڏُونِ؛ اُئِي لوچِ، لَطيفُ چي.

٥- لَڏِيو لَطِيفَنِ، پَلاٽِي پَندِ پِئا،
هَتا حَبِيبَنِ، ڪَڏِهِ ڪو نَهَ ڏِڪو ٿِيو.

٦- راڻو پانيو رانِدِ، وَڃِئو ڪِنءِ وَڙِ رائِيين؟

١٤- ڪاڪِ ڪَڙهي، وَڻَ وِئا، ٻَرِئا رَنگَ رَتولَ؛
تو ڀُڃاڻا، سُپِرِين! هِيَڙي اُچَنِ هولَ،
جي مُون سين ڪِيءَ قولَ، سي سِگها پارِجِ، سُپِرِين!

١٥- ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وِئا، لُوٽو لَباڻو؛
تو ڀُڃاڻا، سُپِرِين! آئَڻَ اُجهاڻو،
مُنِ سين ماڻو، مُناسِبُ نَہ، مَيدَرا!

١٦- حالُ قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُباڻو؛
فِدا تِي فَقِير جو، شَلَ وُسي مَ راڻو!
مُنِ سين ماڻو، مُناسِبُ نَہ، مَيدَرا!

وائي: ڏُورِ وڃڻو، ڏِيہَ لائي، ڪا سوِيَلَ کي سَمُجهائي،
جيڏِيُون! مُهِجي راڻَلَ کي ڪا ٻاجهَ پَئي!
چَنا، مَنَهَہ، ماڙِيُون، اوڏاهين اَڏائي،
جيڏِيُون! مُهِجي راڻَلَ کي، ڪا ٻاجهَ پَئي!

١٠- وُسُ مَ، وَسڻ ڏهوريو، واڳا! چَڙهه وِياءِ؛
ميت مدايون، موٽ ٿيون، ڪري پريت نياءِ،
لالن جو، لطيف چئي، ڪونهه سونهه سماءِ،
اوڏڙ ڏسجي آءِ، ته، سوڍا! سُکيا ٿي تيان.

١١- وُسُ مَ، وُسڻ گهوريو، چڙهه، واڳا! ويڏائي؛
ڏُڄي ميت، ميڏرا! عاقل! اڳلائي،
لپيٽج، لطيف چئي، ڪامل! ڪمائي،
ڪر معاف مدائي، ته، سوڍا! سُکيا ٿي تيان.

١٢- ڪاڪِ ڪَڙهي، وَڻ وِڻا، جلي مُهجي جان؛
رکي ڪامَ ڪِٽڪِٽو، ماريس ته ڪُمان،
هَڏ نه جيان هاڻ! سگهو موٽج سُپرين!

١٣- ڪاڪِ ڪَڙهي، وَڻ وِڻا، پَرنا محل ماڳ.
سوڍي جي سرتيون! وِڌيس وِهِ ويراڳ،
سُورن لاٿيا ساڳ، سگهو موٽج سُپرين!

داستان ڇهون

١. نَہ وارِثُ، نَہ وَلَهو؛ نَہ سَگُ، نَہ سِياڪو؛

تو پُڄاڻا، سُهڻِين! آئِم اولاڪو،

پانڌِيا! پاراپو، ڏِجان ڀاتِيَ ڀولَ ڪي.

٢. ڏِجان ڀاتِيَ ڀولَ ڪي، سَنيهو ساري،

مُنکي ڦَٽُ فِراقَ جو، مَيڏَرا! ماري،

اَچِين جي واري، ڪَرَهو ڪَميڙِيَ تي!

٣. ڪَرَهو ڪَميڙِيَ تي، سويا! وارِ، سڄاڻَ!

ڪُهُہ ڪَرِيان ڪاڪِ ڪي؟ تَنَ توهِين ڏي تاڻَ،

لاهي غيرَ گُماڻَ، اَڳِرِ آءٌ اُڪَنڊِ يِين.

٤. اَڳِرِ آءٌ اُڪَنڊِ يِين، پَرِچِي پيارا!

پَلڪَ پَراهُون نَہ سَهَنءِ، جِيَ جا جِيارا!

نيھا نِيزارا، سَڄِ، تَہ مان سُورُ لَهي.

ميڙ مُنجان ٿي، مَيڏَرا! تو ڏِر ٿيلاهي،

جيڏِيون! مُهِجي راڙَلَ کي، ڪا ٻاجهَه پُئي!

مِنَتَ مُهِجي مَيڏَرو، مانَ مَ موڙائي،

جيڏِيون! مُهِجي راڙَلَ کي، ڪا ٻاجهَه پُئي!

ڦَٽيَلَ مِيهَ فِراقَ جا، وِيٺي وَسائي،

جيڏِيون! مُهِجي راڙَلَ کي، ڪا ٻاجهَه پُئي!

سويا! سِرُ پُرِ گهورِيان، آءُ ڪَرَهو ڪاڪِ وَرائي،

جيڏِيون! مُهِجي راڙَلَ کي، ڪا ٻاجهَه پُئي!

لُڏَوِٽا، لَطِيفُ چي، شَلَ پيرُ مُيءُ ڏي پائي!

جيڏِيون! مُهِجي راڙَلَ کي، ڪا ٻاجهَه پُئي!

٩- لوڏي لَکَ اُڇَلِ، رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو،
هِڪُ اُڪيوُن، ٻِيا اُگَرا، ٻَرِ ۾ تا ٻَڇَنِ،
سي ڪِنءِ، مُيڏَ را! مَڇَنِ؟ جي تو سُورِيَ چاڙهيوُن.

١٠- مُومَلَ وينئي مَيڏَرو، سَدائِين ساري،
وَلِيوُن واسَ وَرَنيوُن، چانگي ڪي چاري،
جَڏهِ تَڏهِ سُورِين، اِيندُمِ اوتاري،
سوڍي سِين ساري، ڳاليوُن ڪَندِ يَسِ ڳُجهَہ جيوُن.

١١- سوڍا تُهِجي سوُرَ، اَندرِ آڳيوُن لائِيوُن،
راڻا! رِهاڻِن جا، مارِيئم مَذڪُورَ،
طَعنا ڏِيئِم تُورَ، آءُ، تَہ ٻَرچوُن ٻاڄَ ۾.

١٢- راڻا! رِهاڻيوُن، سوڍا! ويئي سارِيان،
سَهَسين سِجَ اُلٿا، رانيوُن وِهاڻيوُن،
ڪوڙين موُن ڪاڻيوُن، ڍولا! ڍَڪي، آءُ توُن.

٥- سَڄِ تَہ مان سُورُ لَهي، اَکِيُون پُري پاڄهہ،
راڻي جي رِهاڻَ کي، ويٺي وِڄهان واڄهہ،
سوڍا! لَهي ساڄهہ، پَسُ توشَڪون، ٽَڪيا.

٦- پَسُ توشَڪون، ٽَڪيا، سيڄي وِهاڻا،
پَسڻو هَنڌُ، پُڇي هِيڙُن، جي حَبيبَنِ هاڻا،
هِڪ ٽِنگا ٽاڙاڻا، پِڻو موٽِڻو نان نَہ مَينڌَرو.

٧- ڪَري موٽ مَيندَرو، جي اُڏوٺا لالُ،
گهرُ مِڙوئي گهوريان، هُنڌَ پُڄو حالُ،
راڻي ڏارا راڄ پر، مون نہ گُهرجي مالُ،
سوڍي کي سُوالُ، ڪَريان ٿِي قُربَ جو.

٨- سوڍا! سُورَ سُڪائِيُون، اَکِيُون آبُ نَہ ڪَنِ،
راڻي جي رِهاڻِ کي، وڙو ڪِيُون وَڃَنِ،
سي ڪِنءَ، مَينڌَرا! مَڃَنِ؟ جي تو سُورِي چاڙهِيُون.

ماڙهوُ جي مَصلاحَ جا، سودا! ڪجِ سَهي،

وِينديءَ ڳالِ وَهي، وِڪرِ پُنڊهِ، وَلهَا!

وائي: نيئي نيئي ڏيجِ، اي اَدا! اَدا!

سائي! پِري سَنيهو.

پيرين وِجهي هَٿڙا، زارِيُون زورِ ڪَريجِ،

سائي! پِري سَنيهو.

ڪالَ ڪُوماڻا گُلڙا، سُڪا مَٿي سيجَ،

سائي! پِري سَنيهو.

تولَ هَنجُون هارِيان، هي جي مَنجها هيجَ،

سائي! پِري سَنيهو.

جِنْ تو پيرو نَہ ڪِيو، تِنْ ماءِ مُئي سُٽيجِ،

سائي! پِري سَنيهو.

١٣- مُون گهرِ اَچِي جي ٽِيي، مَيڏرو مِهمانُ،
آٽي جهوڪِيان آڳِ ۾، جيري وِجهان جانُ،
ٽاٽي ٽَنُورَنِ ۾، پيري هَٽان پانُ،
پِيڪُن سُوڊو پانُ، گهرُ ٽڙُ گهوريان پِرَ تان.

١٤- اُڄَ نَہ ڳالائونِ، هوُنِ ڏِيهاڙي نِجهري،
ٻَسو! ٻَہُ ٻِڻونِ؛ آتَڻُ سُڃو اُنِ ري!

١٥- اُڄَ نَہ پَسان سي، آتِڻ ڪِتُمِ جَنِ سين،
هاڙي تَنين ڪي، ڪَنڊِيَ ڪاڪِ نهارِيان.

١٦- تُون ڀانئي، ڀَتَ ڏَٽي؛ ڀولا! تُهِجو ڀَتُ،
ڀانئي ترازِيَ تورِيان، تَہ مُلڪُ نَہ تُهِجو مَتُ،
لاهي ڪَسَرَ ڪَتُ؛ اَچي ڪوڙِ ڦَنائُون ڪاڪِ ۾.

١٧- ڪوڙِ ڦَنائُون ڪاڪِ ۾، راڻا! وِيهُ رَهي،

چَڏي حيلا هَلِئا، مُوهَل مارِ يائُون،
پيرو پَڳائُون، آسَرِ آرامي تِئا.

۴- پيرو پَڇُ مَ، ڪاڙي! لاهي وِهُ مَ لاڳَ،
تان مُون هِيڙو ماڳَ، جان تُون، جوڳي جُوءِ ۾.

۵- سودي سِرُ نِئو، هِتِ ڪَرَنگهرُ سِڪِيو،
راتي جِيَ رِهاڻِ ڪي، سِڪي ساهُ پِئو،
پَسان ڪِينَ پِئو، تو رِءِ اَکڙِيَن سين

۶- سودي مُهِجي ساهَ سين، جيڏيُون! جِنءِ ڪِئو،
ڪَڙِ مُون ڪاڪِ تِيي، آنَڻُ وِسَرِ ئو،
پَسان ڪِينَ پِئو، تو رِءِ اَکڙِيَن سين.

۷- جيڏيُون! مُهِجي جِيَ سين، راتي رِڻُ ڪِئو،
قَلبُ ڪاڪِ ڪَنڌِنِ ۾، پُرزا تِي پِئو،
ٻُجهان، ٻَهَرِ وِئو، هيُون هَنڌ نَه اَچِين.

نماڻي جي نڇري، پيهي تون پڇيج،

ساٿي! پري سنيهو.

اُهڪي، عبداللطيف چي، اچي آڏر ڏيج،

ساٿي! پري سنيهو.

داستان ستون

١. پَرِت م وِڃج پول! ڪاڻياري ڪاڪِ ڪَري،

آئون اُڳهين آهيان، بَڌي تُهجي پولَ،

توکي ساري، سُپرين! رُنم مَنجهه رَلولَ،

نڪاڻا ۽ تولَ، وِسَهُه، مون وِهُ ڀِنا.

٢. جي هُنا ڪوڙيا ڪاڪِ جا، سُتا سي سُونهن،

لُڏُ وِڻا، لَطيف چي، ڪَڙُنو لوڙيرن،

سي موٽي مس اَچن، جي آتِڻ آرامي ٿِيا.

٣. لُڏُ وِڻا لَطيف چي، ڪَٿُون ڪَنيائُون،

١٢- جنْ ايندِءُ موٽَ، مَيدَرا! وَڏي جاڙَ ڪِئاءِ،
وَرُ نَہ هُئَين؟ وَلَها! هُندَ جَتي مُون جاڳاءِ؛
نَہ سُتي جي ساڃاءِ، سوڍا! سِگهيائي ٿِيءِ.

١٣- جَڳُ جيهَين چوءِ، سوڍو تِنءَ نَہ سِڪيو،
راڻو تِنءَ نَہ روءِ، ڳوڙهو جنْ ڳَلِ ڳَڙي.

١٤- سَهَسين جِئان سِڪَنِ، تِئان مُومَلَ موٽَ لِکيو،
سي هُنهِين جاڙِ جِيَنِ، جي ڪُوڙي ڪاغذ آئِيُون.

١٥- ويٺي نِتُ نِهاريان، راڻا! تُهِجو راهُ،
موٽائي ماڳِنِ ۾، آڻيندوءِ اَللهُ،
سوڍا! تو ڳَرِ ساهُ، نا تَ راڻا گهڻا راڄ ۾.

١٦- راڻي سَندو رُوحَ ۾، پَسو! پِڳَهُ پِئو مِ،
پيڙَيَ جِنءَ بَدي وِئو، سوڍو ساهُ سَندو مِ،
وِهَڻُ وِهُ ٿِئو مِ، جاڳيو ٿي جَرُ هاريان.

۸- راڻي رڻُ ڪِئو، جيڏيون! مُهجي جيءَ سين،
مَنُ مَيندَري وَڍيو، ڏُبي ڏَرُ پيو،
ٻُجهان، ٻَهَر وِئو، هيُون هَندَ نَه هيڪڙي.

۹- راڻا! نَه جاڻان، ڪِنءِ وِڏوڙِهِ؟ وَلَها!
اَڇي ڪاڪِ ڪَندِن ۾، پَرَچي ڏي پاڻا،
مَيندَرا! ماڻا، تو رِءِ ڪَندِيَس ڪِن سين؟

۱۰- رُئان تي، راڻا! هَندَ نِهارِئو حُجِرا،
پيهي ڪِهَ ڪُٺِن تي، تِنا پَلَنگَ پُراڻا،
ڏَرِيائي ڏُوڙا تِنا، وَرِ رِءِ وِهاڻا،
جايُون، گُلَ، جَباتَ، وَڻَ، تو رِءِ ڪُرماڻا،
مَيندَرا! ماڻا، تو رِءِ ڪَندِيَس ڪِن سين؟

۱۱- مِيان مَيندَرا! موٽُ، بَخشُ ڪَرِ ٻُچائيُون،
تُون گَهڻِن جو گهوٽُ، مُون وَرُ تُون نهين هيڪڙو.

پَتَرِ وارَ وِڃائِيان، رِيجهي راڻي کي،

کِنءَ کَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟

ڪارايان ڪيرولِيوُن، چاريان چانگي کي،

کِنءَ کَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟

اَدِيوُن! عَبدُاللَطِيفُ چئي، اِيندُمِ هوتُ هِتي؛

کِنءَ کَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟

داستان اَٺون

١- کِينَ ساڱاهِيمِ، سُپِرِين! جاڙُون کِيمِ جالَ،
سوڍا! مُنکي ڪالَ، موٽي مُهَ ۾ آئِيوُن.

٢- کِينَ ساڱاهِيمِ، سُپِرِين! جاڙُون کِيمِ جِتِ،
سوڍا! مُنکي نِتِ، موٽي مُهَ ۾ آئِيوُن.

٣- کِينَ ساڱاهِيمِ، سُپِرِين! جاڙُون کِيمِ جي،
سوڍا! مُنکي سي، موٽي آئِيوُن مُهَ ۾.

١٧- تَنِ ٻاغَنئُن ٻَسِّ، جي ڪَنڌيَ ڪاڪِ ڪُرِيا

سوڍي رِءِ، سَرَتِيُون! ڪاڪِ نَہ اَچي ڪَسِّ،

راڻي پائي رَسِّ، تَنُ ٻِرِيَ جِنَ تاڻيو.

١٨- لونِيسِ لُڏاڻي، ٻَسو! جو پِرِيَنِّ ري،

جيڏِيُون! جيهائي ڪِئَي، راتِ رُسي راڻي!

هَلبو هاڻي، ويرا، ڪاڪِ وِهُ ٿِيي.

وائي: ڪِنءِ ڪَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟

مُون کي سوڍو سَڄُهه نَہ ڏي.

راڻو راتِ رُسي وِئو، ڪَرَ ٿِي ڪُلَّ مَٺي،

ڪِنءِ ڪَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟

اَچِئو آنَڪَا وارِيُون، طَعنا ڏِيئِنِ ٿِي،

ڪِنءِ ڪَريان؟ ڪاڏي وَڃان؟

١٠- ٻولي ٻَڪي آهيان، هُيَس اڳهاڙي آنءُ،
رَکي پَهجو نانءُ، ڪَڪَرُ ڪِيائِمِ ڪاڪِ جو.

١١- ڪَڪَرُ ڪِيائِمِ ڪاڪِ جو، ڏِيٺِي لاڙِيَ لِڪَ،
هاڻي مَٿي ڏِڪَ، چِڙهِئو تِي چاڳَ ڪَريان.

١٢- سوڍا! صَبرُ تُهجو، مَرَڪُ لَڄائِنِ،
چُپَ سِين جي چِوَنِ، اَدَبُ ڪِجي اُنِ جو.

١٣- سوڍا! صَبرُ تُهجو، لَڄائِنِ مَرَڪَ،
نَہ ڪُهچَڻَ سين نَڪُ، رَءَ رُڪَ راڻي وَڃِئو.

١٤- سوڍا! صَبرُ تُهجو، سَيِنِ سيڪاري،
مُومَلَ جي واري، ڪُهُ جاڻان، ڪُهُ ٿِئو؟

١٥- سوڍا! صَبرُ تُهجو، سيڪاري سَهَسَ،
ٻُهچي لِڱان ٻَهَسَ، مُنکي نَصِيبَ نيئِي جَهلِئو.

١٦- سوڍا! صَبرَ تُهجي، ماڙهوُ ڪي مُومَلَ،

٤- خاموشي خبر جي، مؤمل لي مت،
صبر ٿئو سهت، مهجي حق، ميڏ را!

٥- سوڍا! صبر ٿهجو، مؤمل مت ٿئو،
تو جو ڪال ڪئو، ڍِڍ مديون ميثي ڇڏيون.

٦- تو ٻ بڌيس ني، جي مڙ ٻ مديون نه ڏيين،
ٻولا! جي ڏکيين، سي متان عيب اٿيين.

٧- جي مڙ ٻ مديون نه ڏيين، تو ٻ لي بڌياس،
سوڍا! لان سهاڳ کي، ويٺي واجهاياس،
ٻولي ڏکيياس، ڏيٺي پاند پساه جو.

٨- ٻولي ڏکي آهيان، هيس اگهاڙي،
ڏيٺي لِک لاڙي، ککر کيائم ڪاڪ جو.

٩- ٻولي ڏکي آهيان، هيس اڌگهاڙي اڳ،
جوڙي وچا جڳ، ککر کيائم ڪاڪ جو.

٢٣- موري مُهَ وَڏا ٻِٽا، وَڍِئا تان نہ وَڃَنِ؛
اَڊِيُون! اَٽاسَنِ، تَنِ کوڄَهِنِ کي ڪِنءُ ڪَرِيان؟

٢٤- جَنِينِ سَندي مُهَ ۾، نِيهائِيُون نَڪَنِّ،
لِٽان وَڍِئو هيڪَڙو، تہ کِهَڙو تورو تَنِّ؟
سي مُرُ سُڃائِي سُونهَنِّ، جَنِ پَلِي پِينگ پِرَمَ جِي.

وائِي: آءُ، راٽا! رَهُ راتِ،
تُهِجي چانگَلَ کي چَندَنُ چارِيان.
راتِيان ڏِيهان رُوحَ ۾، تَـنَ تُونهِين جِي تاتِ،
تُهِجي چانگَلَ کي چَندَنُ چارِيان.
وينِي نِتُ نِهارِيان، اَچِين جِي پِرِياتِ،
تُهِجي چانگَلَ، کي چَندَنُ چارِيان.
مُون کي آهي مَيڏَرا! وائِي تُهِجي واتِ،
تُهِجي چانگَلَ کي چَندَنُ چارِيان.

کُہِر مَنجھا ڪَلَّ، پِسِمِ، پِرِ ين! تُهِجِي.

١٧- سويا! صَبرُ تُهِجو، مُنکي نَصِيحَتَّ،
رِيلا ڪَندِ يَس رَتَّ، مَيدَرا تو مَهَدا.

١٨- سويا! صَبرُ تُهِجو، بي عُقُلَنِ عَقُلَّ،
آهي انگ اُمُلَّ، ماٽِ تُهِجِي، مَيدَرا!

١٩- سويا! صَبرُ تُهِجو، بي عَقُلَ آڻي باز،
سَندي صَبرَ ساز، تو ٻَہَ ڪارِ يَمِ نَڪَڙي.

٢٠- سويا! شَرِمايُون، ٻَسِئو عَيبَ اَکِيان،
نَڪَ نِرجايُون، هيُون مُهِجِي حَقَّ ۾.

٢١- موٽِي آئِيو مَہَ ۾، سويا! شَرَمُ جَنِ،
سي لَجايُون لُڇَنِ، ٻَسِئو عَيبَ اَکِيان.

٢٢- اَڏِيُون! آتَڻَ وارِيُون! نِرجا نَڪَّ ٽِنا،
وَڏِ ٽا، ٽان نَہ وِٽا، پاڻا موڙِ ٽا مُہَ ۾.

چَندَنَ سَين چِڪَ ڪَري، مُومَلَ لِنبي ماڳَ،
سوڍي جي سُهاڳَ، ڀَتُ مِڙُوئي ڀَڪِتو.

٥. نَئُون نِياپو آئِيو، راڻي مُلا راتِ،
لَڌِيسُون، لَطِيفُ چِئي، ڪَنا ڏاتَرَ ڏاتِ،
ڪِهڙي پُڇين ذات؟ جي آئِيا سي اُگهِيا.

٦. ڪيڏاهَ ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چَوڏِسِ چِناڻو،
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجهين لُڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو؛ رِءِ راڻي ٻِئو ناهِ ڪو.

٧. ڪيڏاهَ ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چِناڻو چَوڌارَ،
مَنجهين ڪاڪِ ڪَڪوري، مَنجهين باغَ بَهارَ،
ڪانِهَ ٻي تَوارَ، ٻِئو مِڙُوئي ميڙَرو.

وائي: ڪِينءَ جو ڪاڪِ تَڙاءُ، چانگي چَرَهو چِڪِيو.
ڪَرَهو سَرَهو ڏِيهَ ۾، نَہ نِهَ ٻُڏُ نَہ ٻاءُ،
چانگي چَرَهو چِڪِيو.

اَدِيُون! عَبۡدُاللَطِيفُ چِي، ڏاڙُ ڏيندُمِ ڏاجِ،
تُهِنجِي چانگَلَ کِي چَندَنُ چارِيان.

داستان نائون

١- راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آديسي آيو،
چوڏهِي ماهَ چَندَ جِئن، ڪِئو سامِي سَهائو،
لَٿو اُنداهو، جوڳِي سَندِي جوتِ سان.

٢- راڻي جِي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪَٿُوري خُوشبُوءِ سين، وِلاتَ سڀ واسي،
سُود و سَناسي، اُتاهين تي آئيو.

٣- راڻي رِيبارو، تو ڏاهَ مُڪو ٽڪرو،
لُڏو وِڻنا، لَطِيفُ چِي، ماڻِهِ موچارو،
صُبُحِ سَوارو، ڪاڪ گهِڙندو ڪَرَهو.

٤- راڻو رَبُّ راضي ڪَرِي، مانَ وَرائِي واڳَ،

مومل ۽ مينڌري جي ڳالهه

عيسوي چوڏهين پندرهين صديءَ جي ڳالهه آهي، جڏهن سنڌڙي حصن ۾ وراهيل هوندي هئي ۽ هر هڪ ٽڪر تي الڳ حاڪم هوندو هو. تڏهن سمي ماٿيلي جو راڄ-ڌڻي هو راجا نند. راجا نند کي ڌيئرن جو ڌڻ هو- سڀيئون سارينئون نو نياڻيون. تن مان سومل جي پنهنجي سياڻپ سبب ۽ مومل جي پنهنجي موهيندڙ مهانڊي ڪارڻ چڱي ساک ۽ هاڪ هئي. راجا نند صرفو ڪري ۽ پيءُ طرح چڱي ملڪيت ٺاهي هئي، جا ساري هن درياهه جي پيٽ ۾ پورائي ڇڏي هئي. وٽس هڪ سونو جو ڏند هو، جنهن جي حڪمت سان درياهه سڪي پيٽ مان پيچرو ڏيندو هو ۽ اُن جي اوٽ تي ئي راجا پنهنجي ملڪيت محفوظ رکي سگهيو هو. پر هڪ لڳا ڪنهن فقير، راجا جي ملڪيت جي ڇڪاس جو لقاءُ ڏٺو هو ۽ سندس دل سڙڪي هئي ته اِها سموري هٿ ڪري، حياليءَ جا باقي ڏينهن هوند سکي گذاريان! سو وجهه وٺي اچي راجا جي محل ٻاهران ڪنهن ڏهاڙي سيٺ هميائين، جڏهن راجا نند شڪار تي ويل هو ۽ سندس

پاھُ پِرائي آئِيو، لالي لُڏُو ٽِڪاءُ،

چانگي چَڙھو چِڪيو۔

ڪَرهي ڪانيٺا رَتا، نائي ناڪيلاءُ،

چانگي چَڙھو چِڪيو۔

وَڳُ واسِيائين پاھِجو، سَڀَ ئي سِراھِتاءُ،

چانگي چَڙھو چِڪيو۔

تُون ڏاٽي، ڏَتَ ڏَٽي؛ تُون راٽو، تُون راءُ؛

چانگي چَڙھو چِڪيو۔

مُومَلَ مُحُتاجِيُون ڪَري، عاجِزِيُون اِيَتاءُ،

چانگي چَڙھو چِڪيو۔

آءُ تُون عَبدُاللَطِيفُ چي، مونئي هِنَ مَحَلاءُ،

چانگي چَڙھو چِڪيو۔

ڏنائين ته جي پنهنجي ڳهيلائيءَ سبب هڪ ملڪيت
وڃائي آئيءَ، ته پنهنجي ڇل ڦل سان ٻي ٺاهي ونئي.

جي راجا نند کي نياڻين جي ڇانگ پداري پيئي هئي،
ته هن کا پنهنجي جوابداري وساري ڪين ڇڏي.
هن، سندن ديک ڀال، شيوا ٽهل، خدمت چاڪريءَ ڪاڻ
خاطر- خواه ٻانهين ۽ سهيلين جو ٻربند ڪيو هو، جن ۾
ڌاڻ خاص طور پنهنجي ڌالي سان هئي. صلاح اِها ٻيٺي
ته ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌي تي، لڊاڻي جي اُتاهين، ٻر ويران،
پٽ تي باغن بوستانن ۽ گهاٽي وڻڪار وچ مومل جي ماڙي
ڪڙي ڪجي. ٻر ماڙيءَ تي رسڻ خاطر سڀ واهون ۽ واٽون
ڀوائتن ۽ ڀينڪر طلسمي نظارن سان جهنجهجن. ٻوءِ مهادي
ڦيرائجي ته جيڪو مانجهي مڙس مومل جي ماڙيءَ تي
سچين لڱين پهچي ويندو، تنهنجي ڳلي ۾ چنڊ مکڙي
واري راجا نند جي نياڻي جئه-مالها وجهندي. مومل جي
سونهن جي ته هر هنڌ هاڪ پيل آهي؛ جنهن ويل جنگ
جوانن کي هيءُ هوڪو پهچندو تنهن مهل، ٻنا ٽهلڻ جي،
اَچي هٿ حاضر ٿيندا؛ ٻر جادوءَ ڪامڻ جي رچايل رنگ ۾ اَهڙو
ڦسلجي ويندا، جو مومل تائين پهچڻ جي سڌ پوري ٿيڻ
ته ٻري رهي، پنهنجي جند ڇڏائڻ ٿي محال ٿي پوندين.
اَهڙن سڌرن جي ڇڏيل پنسي ۽ مال مان جهٽ وڃايل
ملڪيت وري نهي پوندي.

سباڻي ڏيءُ سومل پڻ ساڻ هيس. فقير جي ٻاڏائيند
آواز تي سومل ٻاهر نڪري آئي ۽ فقير کان پڇيائين
ڇا گهرجيئي؟ فقير کي سونو وجهه ملي ويو، تنهن سو
جي ڏند لاءِ وات وڌو. سومل سمجهي نه سگهي (ڇو
ڪيس ڏند جي ڪرامت جي ڪل ني ڪا نه هئي)
سوَنَ جو ڏند فقير لاءِ ڪهڙي ڪم جو ٿيندو، جيتوڻيڪ
ڪيس ياد هو نه راجا وٽ هڪ سونَ جو ڏند هو ضرور
جو هوءَ اندر تجوريءَ ۾ رکندو هو. تنهن ڪري هن فقي
کي چيو نه ٻيو ڪي گهر جو ٿوڪي ڪجهه ڪمائتو ٿئي
باقي سوَنَ جو ڏند ٿون ڇا ڪندين! پر فقير پنهنجي
هوڏ تي قائم رهيو ۽ سومل ڄاتو نه مست فقير آهي، جيڪي
دل چيو اٿس تنهن لاءِ ڪٺي سبن هٺين آڻائين. راجا کي
ٿري سوَنَ جي ڏند جي ڪهڙي خاص گهرج آهي؛ س
ٻدا ڪنهن هر ٿم جي ڏند آڻي فقير کي ڏنائين، جو دل
گهريو دان وٺي، سومل کي آسيسون ڪندو، رمندو رهيو
راجا جڏهن شڪار تان موٽيو ۽ ڪم پئي تجوري کوليائين
نه ڏند نهي ني ڪين! پڇا مان پتو پيس نه سومل نه اِه
ڪنهن فقير کي ڏيئي ڇڏيو هو!! محل ۾ مالڏاڻو مچي ويو
هانيدوس ٿي ويئي. سومل سائي هڏب ٿيڻ لڳي. لالو
سندس خاص ٻانهيءَ، ڏٺو نه گهر ٿو ڍهي؛ سو راجا کي چيائين
نه دل نه لاهيو، اسين ٿوهالڪي جهٽ اوهانجي وڃايل
ملڪيت ميڙي ڏيندا سين، ۽ سومل کي پنهنجي سر آئيم.

ڪ اُنوڪي لالائي پٽي بڪي؛ جهڙي پره ڦٽي پرڀات
پل نظر ايندي آهي، باقي مڙس ۾ اُهڃاڻ سڀ آسودگيءَ
ا ئي چٽا ڏسڻ پيئي آيا - بدن تي پيوت برابر لڳل هئي،
سنڌس ساڻي شال، ڳچيءَ جي سون ڳري، ۽ پڳ مان
طر جي دل-خوش بوءِ. اُچرج ۽ اسرار چٽن تي يارن کي
حقيقت ڄاڻڻ لاءِ منتظر ڪيو. سنڌن سوال تي سائي سال
ري ساميءَ پنهنجي ڪهاڻي پيرانتيءَ طرح ڪين سڻائي
ڪيئن هن مومل کي رسڻ ۾ نه فقط ملڪيت وڃائي
ٽي، پر سوڍل جي سڪ ڪيس هڪ لاهوتي فقير بڻائي
ڏيو هو. اُهڙي ڪا نينهن جي نوڪ چڀي ويل تي ڏنيس،
و مومل جي نالي ڳنهندي چڱل ڦٽ چڪي تي پيا.
اميءَ جي ڳالهه سڻي، يارن کي اُچي ريجهڪ ڪئيو نه
لي ڏسجي نه اها مومل آهي ڪهڙي وَٿ، جا سون
تي هيسائي. سو واڳوَن ڦيرائي، يارن رخ رکيو مومل
ي ماڙيءَ ڏي، ۽ چڀي ڏينهن، گهوڙا ڊوڙائيندا، جهٽ
مي مومل جي ماڳاڻ کي رسيا.

گهوڙا، مومل جي ماڙيءَ طرف ايندا ڏسي، ناتر، سائڻ
ي آگاهه ڪري، سنڌن آءِ ڀاءِ لاءِ هيٺ اُچي ٻاهر بيٺي.
گ ڍنگ ڄاڃي، سنڌن خوب مرحبا ڪيائين. احوال ڏيڻ
ڻ بعد هوءَ مهمانن جي اُچڻ جو اطلاع ڏيڻ سانگي مٿي
ٽي، ۽ مومل کي دل گهرڻو احوال ڏيڻ بعد مهمانن وٽ
ني آئي؛ پر سنڌس هٿ ۾ هينئر هڪ منجهيل پٽ جو

نانگر کي مانداڻ معنيٰ ۾ خاص وهم ڪانه لڳي
ويران پٽ وسي ويو - دل-بهار باغ ڪري بيٺا، جن ج
گلن ۽ ميون، ۽ سڳنڌن ۽ سرهاڻن ملڪ واسي ڇڏ
اُهن گلن ۽ ميون، وڻن ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ بيٺل ماڙ
پڻ دلڪش هئي. وچ جو ول ڇل پڻ پنهنجو مٽ پ
هو. نانگر به ڪٽي اهي لال رچيا هئا، جو جيرو جوان
جي هنياءَ جهلي سگهي!! رنگ رچي راس ٿيو نه پڙ
گهميو. هيءَ خوش-خبر ڪنوڻ جيان پکڙجي ويئي ۽ ڪئي
عاشق ۽ شائق ڏوڪيندا آيا. پر ڪو به مومل لائين رسي
سگهيو. هر ڪو وچ رستي تي سڌ ٻڌ وڃايو، وقتي ج
ٿان به همت ڪيو ئي ويو، يا نه بانولو بڻجي، هڙ قرائي
رڻ پٽ ۾ هڻ پٽ ۾ حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا ٿي گهاريا!!

اُهڙو هڪ سگهارو شيدائي، بانولو ٿيو پئي ٻر ڦريو،
لائين او ڇتو دز اُڏائيندا چار گهوڙيسوار اچي اُس پهتا،
مڙس جو رنگ ڍنگ ڏسي دنگ رهجي ويا. اِهي چ
يار هئا ڏوڙ پٽي، شيهڙو ڏماچاڻي، راڻو سوڍو ۽ سند
سردار، عمرڪوٽ جو راجڌاڻي، همير سومرو. سندن ياراڻ
هاڪاري هئي - مڙيئي جرئت-ڀريا جانباز، شوقين شها
اُتي وهن گڏ، ڪائين پيئن گڏ، گهمن ڦرن گڏ، پهن ڪن گڏ
هن دفعي گڏ شڪار تي نڪتا هئا ۽ ڏوُب مرون ماريند
گهوڙن جون شرطون ٻڌائيندا، هن پٽ اَچي نڪتا هئ
جتي بانڪو بانولو ٿيو پئي پنڪيو. سندس منهن ما

آيو راڻي جو. راڻو ٻهرئين کان ڀري سڄاڳ هو. ناڻو هن
سان پڻ گوڇايُون ڪرڻ کان باز نه آئي- هڪ هنڌ وچ
وات تي ڪمس چڙهي، هوءَ ترڪي ٿي ويئي، نه راڻي سيگهه
ڪري ڪٽي چوٽيءَ ۾ همٿ وڌس. تڏهن به ڪي ڪٽي
چتيلائي چڙهي، سو مُور نه. اُڳتي هلي، راڻي کي
ٿورو ٿيلهو ڏيئي، ناڻو وڪڙ ۾ اُلوپ ٿي ويئي ۽ راڻو
آچي هڪ چشمي جي ڪنڌي تي سهڙيو، جنهن پار ٿي
مومل جي ماڙي هئي. راڻو ٻنو اصل ڪين، مگر ڪي قدر
خفي ضرور ٿيو. اِني ڪيس ويچار آيو ته جنهن ڪلن جا ڪڙڪا
۽ مرن جا ڏمڇر بلڪل ٿي جادو طلسم جا هئا، متان هيءَ
چشمو، جنهن ۾ پاڻي چولون پيو ماري، سو پڻ ٻماوٽي
کيل هجي! سو ڇڪاس لهڻ جي خيال کان هن چشمي
طرف هڪ سوپاري اُڇلائي، جا ڪانچ (شيشي) تي ٽر ٽر
ڪندي، غائب ٿي ويئي. هاڻ راڻي جي رهيل کهيل
گهبراهٽ پڻ هٽي بيٺي، ۽ هوُ مومل جي ماڙيءَ ڏي
وک وڌائيندو، مٿي چڙهي ويو. مومل، راڻي کي پرڀان ٿي
ڏسي اَندر ۾ گدگد ٿيڻ لڳي، پر ٻاهريون ڏکو رکندي،
هڪل ڪيائينس: ”هيءَ گستاخي توکي سيبائي؛ هٽي
وري ٿي ۾، ڪٿي خطا نه ڪائين“. راڻو هاڻ جهلجڻ وارو
ڪٿي هو. هوُ به مومل موچاريءَ تي اَکن ڇڪن ٿي ٻيو هو،
پريائين پاڻهي ورتو هئائين نه هوءَ اُجايو ميڻهن ڪري
هي هئي. سو وک ورتي نه ڪندي، ٻانهن ورائيندي،

ڦورو هو. مهمانن جي مخاطب ٿي، چيائين: ”ڀيرين ٻرڪ
هيءُ ڦورو سمجهاڻي ڏيو“. مڙيئي مڙس منجهي ويا.
راڻو هو سياڻو، تڏهن ڦورو ورتي، وڏي نڪي، اُن م
ڪٽي گهوڙي جو سهڻو مکڻهارو ٻڻايو. تڏهن وچ ۾ ناڻو ويٺي
سا سڌن لاءِ ڪاڄ ٻڌي آئي. ٻڪ ڏاڍي هين، سو مڙ
گره ڪاڻڻ لاءِ همت وڌايو ۽ ٻر راڻي روڪين. تسرين وا
طعامن مان ذرو ڪٽي، سامهون ٻڪايل ڪتي طرف ڦيڏڪيائين
ڪتو مال ڪاني اٽيئي ٻيري ٿي پيو. مومل جو ٻيو و
ٻه گسي ويو. هاڻ هڪ هڪ ٿي هليا مومل جو ماهتاد
مڪڙو پسڻ. ڀيرين همير سومري وارو ورتو. پاڻهيءَ ساڻ سرنگ
۾ گهڙيو. ٻر اڪ ٿي ڪين لنگهيو هو، ته ناڻو گسڪ
پائي، گم ٿي ويئي. هڪڙو لنگهه سوڙهو، ٻيو اونده اُنڌوڪا
مٿان جو ڪلن جا ڪڙڪاٽ شروع ٿي ويا، تڏهن مڙس ڪ
ماندو ڪري ڇڏيو. هٿوراڙيون هڻندو، مس ڪري همير
اچي همراهن سان مليو، ۽ ساڻس ڪيل ڪار جو احوال
ٻين کي ٻڌايائين. انهيءَ تي مومل جي ٻچر ڦٽي ڪري
مڙني واپس ورڻ جو ويچار ڪيو. ٻر راڻي ڪين گيدي
سڏي، ڪجهه ٻڙڪايو، جنهن ڪري سڀ ترسي پيا،
باقي دوستن ٻنهنجو وارو ورتڻ جو سڌرو ٻڌو. همير ڪانپو
ڏونر هليو ۽ تڏهن ڪانپو شينهڙو. ٻر ڪلن جي ڪڙڪاٽ
۽ جانورن جي گجڪار سڌن دم ٻڻ مٿ ۾ آڻي ڇڏيو
۽ پاڻهن ٻري، رلي ٻني، اچي دوستن سان مليا. آخر وار

ڏاچيءَ تي سوار ٿي اچي عمرڪوٽ سهڙيو. هاڻي هر
رات راڻو ائين ڪرڻ لڳو. پر سندس هيءَ روش ڪاڻس
سواءِ ڪنهن کي به ڪين پاءِ پيئي. سندس گهر واريءَ ڏٺو
ته راڻي جو رخ هاڻ گهڻو ڦريل هو. تنهن کان سواءِ هوءَ
هر روز اچي ٻل جهڙي چادر هنڌ تي وجهي ڏ. صبوح
جو اٿڻ ويل اُن تي ڳاڙهي ڏڏڙ جا داغ لڳائي پيا هجن.
همير سومري کي پڻ شڪ جاڳيو ته هيءُ جو راڻو دربار
۾ موڳو موڳو پئي لڳو تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو هو!! مٿان جو
راڻي جي گهر واريءَ جي دانهن ڪن تي آيس ته جاچ ڪرائڻ
ضروري سمجهيائين. هوڏانهن جو سومل جو راڻي
سان لينهن لڳهي ويو هو، ته ڪاڻس سواءِ وقت ڏڏي
پوندو هوس. اها روبڪار سندس ڀيڻ کي نه آئڙي،
چاڪاڻ ته هاڻ سومل ۽ مينڌڙي جي پريت پڪي ٿيڻ
تي ڪيس مفت جون ملڪيتون ملڻ بند بند ٿي ويون.
تنهنڪري هن سومل کي هدايتون ڏنيون ته هنن ٻن
جي سنبنڌ ۾ ڪنهن ريت وڇي رخنو وجهه. همير کي
جاچ پڙتال مان پتو پيو ته برابر هر رات راڻو ڏاچيءَ تي
سوار ٿي، ڪيڏانهن لڪي ويندو هو، ۽ پره ڦٽيءَ کان
اڳ ئي واپس اچي ويندو هو. ٻي ڪا سولي واهه نه
ڏسي، ڏاچيءَ کي ختم ڪري، راڻي جو وهٽ بنا سومل
کي رسڻ ناممڪن ڪيو ويو. انهيءَ رات راڻي جو
ٽيرو ٽيو. جت تي اچي مٿيو، جنهن مينڌڙي جو

وڃي سنڌس لڳ ڪٽ تي وينو. هاڻ تہ مومل جو رھ
ڪھيو حجاب پڻ ويندو رھيو ۽ ھو ٻاڻ ۾ روح رچندين ڳالھ
۾ رڌل ويا. ڳچ ويرم بعد مس ميندڙي کي سمڪ پيٽ
تہ سنڌس يار سنڌس تي وات ٿھار پيدا ھوندا. سو مو
کان مس ڪري موڪلائي، ھر رات اچڻ جو انجام اق
ڪري، موٽي آيو ۽ اچي دوستن سان مليو، جن ھيڏ
دير جو ڪارڻ پڇيس. راڻو حقيقت بدہ آلي ويو، ۽ ڪ
پڪ ڏيارائين تہ ھو پڻ ٿاتر جي ور چڙھي، وڃڻ کي و
ھو. پر قسمت زور ھيس جو جبري مٿاڪوہ کان پوءِ گ
لھي، ھو ساڻن اچي ملي سگھيو ھو. سيئي دوس
اندر جي اندر ۾ ساڙيندي، مومل جي پچر ڇڏي، لغامن ک
ڇڪي ڏيئي، عمرڪوٽ اسھيا.

قول ڪري ميندڙو بہ ڦرڻ وارو مڙس ڪين ھو. وٽنر ج
مومل تي پاڻ بہ ھرڪ ھاري وينو ھو، سو جئن سنجھا ٿي
مومل جي تات پچر اچي ورايس. جت کي تاڪيد ڪري
ڇڏيو ھئائين تہ ڏاچي تيار ھجي. رات جو جڏھن سڀ وڃ
آرامي ٿيا تڏھن ھو اٺ جو مڪر ڪري، پاسو ورائي سمھي پيو
۽ جڏھن پڪ ٿيس تہ سنڌس گھر واري پڻ اگھور ننڊ جي
حوالي ٿي چڪي ھئي، تڏھن ڏاچي پلاڻي، رخ رکيائين موم
جي ماڙيءَ ڏي. ڏاچي بہ واڳھ ھئي، سو ھيڏو پند طي
ڪرڻ ۾ خاص وير نہ ورتائين، ۽ ميندڙو اچي مومل کي مليو
خوب وندر ورونھ بعد مومل کي سمھاري، ميندڙو وري

ميندڙي کي ملڻ ڪاڻ آتي هلي. سوداگر جو ويس
ڪري، عمرڪوٽ ۾ اچي ڪوني وڌائين ۽ آهستي آهستي
راڻي سان دوستاڻو سنبنڌ جوڙائين. مومل ۽ ميندڙو
چڱا گهاٽا ماڻل ٿي ويا ۽ راڻو هرروز مومل وٽ چوپڙ
راند کيڏڻ ڪاڻ اچڻ لڳو. مومل في الحال اِنهيءَ ۾
ٿي راضي هئي. مهاڻان پريون هيءُ جوڙو ڏسي،
سهي نه سگهيون. هڪ ڏينهن چوپڙ کيڏندي جڏهن
مومل پارو ٿي اُڇلايو ته ڪڙتي جي آستين ڪجهه مٿڀرو
ٿي ويئي ۽ هن جي ٻانهن جو ڪجهه حصو ظاهر ٿي
پيئو. راڻي جي نظر ٻانهن تي نشان تي پئجي ويئي،
جنهن مان ڀڪ ٿيس ته سوداگر حقيقت ۾ مومل هئي ۽
ونجارڪو ويس جاڻي ٻجهي ڪيس گمراه ڪرڻ ڪاڻ
پهريو ويو هو. شڪل ٻنهي ٺامڻي هئي ويس ۽ هڪدم
اٿي ڪڙو ٿيو. مومل حد آزيون نيزاريون ڪيون ۽ ڪيس
عشق سچاڻڻ لاءِ ايلاز ڪيا، مگر وراو ڪجهه به ڪين.
آخر مومل اينرو به چيس ته ڪانئس سواءِ سندس جيئڻ
محال هو ۽ هوءَ وڃي ڏاگهه چڙهندي. تڏهن به راڻي
کي تر ماتر ترس نه آيو. مومل جي چوڻ تي جلائڻ
ڪاٺين جو آڙاه تيار ڪيو ويو ۽ ٺيڪ مهل مومل مچ ۾
ـدهن وجهي، وڃي اُلڪ کي ملي. راڻي کي جا سڌ
ملي، سو سهڪندو آيو ۽ گهڻائي واجهه وڌائين، پل ٻجهائڻ
جي ڪوشش ڪيائين، پر آگ مومل کي وڙهي وڪوڙي

غصو ڀرو ڪري خاطر چيو تہ "سائين! ڳالھہ ڪھڙ
آھي!! اِنھيءَ ڏاچيءَ جو ڪونرو بہ ماڻھ جھڙوئي آھ
سياڻي آھو آڻي حاضر ڪندس. لڏھن مس راڻو
آيو ۽ سو ر في الحال ٻي ويو. ورندي رات جو ڪدوا
لي سوار ٿي، ميندڙو ھليو مومل ڏي. مگر ھڪ رات جي
ويرم ضرور پيئي ھئي. سومل کي نہ اھڙو وجھہ ڪپندو ھو
سو ناٿر کي سمجھائي، پاڻ وڃي مومل جي پر ۾ ليٽي
ناٿر، راڻي کي لڪڙو ايندو ڏسي کيس آگاہ ڪيو
ھوُ ڪالھہ ڪين آيو ھو، جڏھن ڪري مومل اَڄ ڪدھ
ٻئي سان وڃي آرامي ٿي ھئي. ميندڙي کي ھر
اَعتبار نہ آيو. پر جڏھن مومل جي ڪمري ۾ پير رکيائين
نہ دنگ رھجي ويو. مومل برابر ڪنھن ڌارئي جي
آغوش ۾ ھئي. جوش وٺي ويس. ڀھرين نہ ويچار آيس
نہ مومل کي ھن بي-وفائيءَ جو مزو چکايان؛ پر جھٽ
